# باوضو
# رهڻ جا فضائل

**04-May-2023**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



4 مئي، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# باوضو رهڻ جا فضائل

**هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...**

✿... دل ۽ دماغ جا گناهہ بہ ڇڻي ويندا آهن

✿... وضو جي ابتدا ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي؟

✿... وضو جا 4 ئي فرض ڇو؟

✿... باوضو رهڻ جا دنياوي فائدا

پيشڪش

**اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

پيرانِ پير، پير دستگير حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي زندگيءَ جو هڪ ڏگهو عرصو مجاهدات ۾ گذاريو، جڏهن پاڻ بغداد شريف ۾ علمِ دين پڙهندا هئا، سندس معمول (Routine) هوندو هو ته مدرسي مان سبق پڙهي ڪري جهنگلن جي طرف نڪري ويندا هئا، اتي سبق ياد ڪندا ۽ عبادت ۾ به مصروف رهندا هئا، انهيءَ زماني جي ڳالهه آهي، هڪ ڏينهن حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪنهن غار جي ويجهو هڪ پٿر ڏٺو، ان تي هڪ درودِ پاڪ لکيل هو، گڏوگڏ هي به لکيل هو ته هي درودِ پاڪ (جيڪو پٿر تي لکيل آهي)، ان کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان 50 هزار درود شريف جو ثواب ملندو آهي، حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهو درود شريف لکي ورتو ۽ ان کي پڙهڻ لڳا، بعد ۾ هڪ ڏينهن ڪين خواب ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ٿي، پاڻ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان انهيءَ درود شريف جي باري ۾ پڇيو: (ته ڇا واقعي هيءُ درود شريف پڙهڻ سان 50 هزار درود شريف جو ثواب ملندو آهي؟) پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: نه، ان درود شريف کي پڙهڻ سان 50 هزار نه بلڪ 70 هزار درود شريف جو ثواب ملندو آهي.[(1)]

---

[1]... سعادة الدارين، الصلاة السابعة والعشرون، صفحه: 256 ـ

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جون پنهنجي محبوب جي امّت جي مٿان ڪرم نوازيون ڏسو! جيڪو ٻانهو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي، روايتن جي مطابق ان کي 10 نيڪيون ملنديون آهن، 10 گناهه معاف ٿيندا آهن ۽ 10 درجات بلند ڪيا ويندا آهن. هيءُ ئي ڪرم نوازي ڪيڏي عظيم آهي جو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ سان ايڏو ثواب ملي، پوءِ ان تي وڌيڪ ڪرم مٿان ڪرم هي تہ ڪوڙ اهڙا درود شريف آهن، جن کي صرف هڪ ڀيرو پڙهڻ سان صرف هڪ درود شريف جو نہ بلڪ ڪيئي هزار درود شريف پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي، ڪتابن ۾ اهڙا ڪوڙ درود شريف لکيل آهن، جن کي پڙهڻ سان هڪ لک درود شريف جو ثواب ملندو آهي ۽ حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن پٿر تي لکيل جيڪو درود شريف ڏنو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن خواب ۾ تشريف آڻي ڪري ٻڌايو تہ هن کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان 70 هزار درود شريف جو ثواب ملندو آهي سُبْحٰنَ اللّٰہ!

ڪاش! اسان انهن ڪرم نوازين جو قدر ڪري سگهون. اسان جا پير حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي امّتِ محمد!(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ) الله پاڪ جو شڪر ڪندا ڪيو جو پهريون امّتون جيترو عمل ڪنديون هيون، الله پاڪ انهن جي نسبت توهان جي ٿوري عمل تي ئي راضي ٿي ويندو آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: مسجد کي لازم پڪڙيو ۽ نبيءِ رحمت، شفيعِ امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندا ڪيو![1]

پڑھتا رہوں کثرت سے
درود ان پہ سدا میں
اور ذِکر کا بھی شوق پئے
غوث و رضا دے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... الفتح الرباني، المجلس الثاني، صفحه: 23- 24بتقدم وتآخر

[2] ...وسائلِ بخشش ،صفحه: 114.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عثمان غني جو عشق رسول

مسلمانن جي ٽئين خليفي امير المؤمنين حضرتِ عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هڪ ڀيري وُضو ڪندي مُرڪڻ لڳا! ماڻهن سبب پڇيو ته فرمايائون: مون هڪ ڀيري سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هن جاءِ تي وُضو ڪرڻ کان پوءِ مُرڪندي ڏٺو هو ۽ صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم کي فرمايو هئائون: توهان کي خبر آهي مان ڇو مرڪيس؟ پوءِ آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ ئي ارشاد فرمايو:انسان جڏهن وضو ڪندو آهي ته منهن ڌوئڻ سان منهن جا ۽ هٿ ڌوئڻ سان هٿن جا ۽ مٿي جو مسح ڪرڻ سان مٿي جا ۽ پير ڌوئڻ سان پيرن جا گناه ڇڻي ويندا آهن.[2]

وُضو کرکے خنداں ہوئے شاہِ عثماں
کہا: کیوں تبسُّم بھلا کر رہا ہوں؟
جوابِ سُوالِ مخاطب دیا پھر
کسی کی ادا کو ادا کر رہا ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

[2]...مسند امام احمد ، جلد: 1، صفحه: 190، حديث: 423۔

# اداءِ مصطفٰي سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اصحابي سڳورا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هرهر ادا ۽ هرهر سُنت کي دل سان اپنائيندا هئا. صحابہ ڪرام جي مبارڪ زندگين جو هيءُ نرالو ۽ عشق ڀريو پهلو آهي، بس انهن کي جيئن ئي خبر پوندي هئي تہ هي ڪم پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيو آهي، پوءِ اهو ڪم ڪرڻ، اداءِ مصطفيٰ کي اپنائڻ سندن زندگي جو مقصد بڻجي ويندو هو. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي سيرت پڙهي ڪري ڏسو! اهي اداءِ مصطفيٰ کي اپنائڻ ۾ اهو نہ سوچيندا هئا تہ اسان هي ڪنداسين تہ اسان کي ڇا ملندو، انهن جي اها عشق ڀري سوچ هوندي هئي تہ هيءُ ڪم اسان جي محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ڪيو آهي، بس اسان کي بہ ڪرڻو آهي؟ ڇو ڪرڻو آهي؟ ڪنداسين تہ ڇا ملندو؟ نہ ڪنداسين تہ ڪهڙو نقصان ٿيندو؟ هنن چڪرن ۾ صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُم پوندا ئي نہ هئا.

مسلمانن جا اوّل خليفہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُم فرمائن ٿا: جنهن ڪم تي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عمل ڪندا هئا مان ان کي ڪرڻ بغير ناهيان ڇڏيندو، جيڪڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪنهن ڪم کي ڇڏي ڏيان تہ مون کي خوف آهي تہ مان سنت کان مُنحرف ٿي ويندس.[1]

| | |
|---|---|
| اللہ اللہ یہ شوقِ اتباع | کیوں نہ ہو صدیقِ اکبر تھے |

❁ مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمرفاروق اعظم فرمايو: جڏهن کان مون نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بنا ڇٽيل اٽي جي ماني کائيندي ڏٺو تہ ان کان بعد ڪڏهن بہ منهنجي لاءِ ڇٽيل اٽي جي ماني ناهي ٺهرائي وئي.[2]

---

[1] ... بخاری ،کتاب : فرض الخمس، باب فرض الخمس، صفحہ: 793، حدیث : 3093

[2] ... طبقات ابن سعد ،ذکر طعام رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ...الخ،جلد:1 ،صفحہ: 301

۞ مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ هڪ ڏينهن مسجد جي دروازي تي ويهي ٻڪري جي دَستي جو گوشت گهرايو ۽ کاڌائون ۽ بِغير تازو وُضو ڪرڻ جي نَماز ادا ڪئي پوءِ فرمايائون: رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ به هن جاءِ تي ويهي ٻڪري جي دستي جو گوشت کاڌو هو ۽ هن طرح ڪيو هو تنهنڪري مون به سندن ادا کي ادا ڪيو[1]

انهيءَ طرح صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جا هڪ کان هڪ واقعا آهن، هڪ ڀيري حضرت عبدالله بن عُمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ مکي شريف وجي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ وڻ آيو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جاٽي واٽي ان جي ٽارين ۾ عمامو شريف ڦاسائي ڇڏيو، پوءِ ٻيهي ان کي ڇڏايائون ۽ اڳتي وڌڻ لڳا. ماڻهن ان جو سبب پڇيو ته فرمايائون: هڪ ڀيري رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هتان کان گذريا ته هن وڻ جي ٽارين سندن عمامو شريف محبت ۾ پڪڙي ورتو(يعني عمامو شريف اٽڪي ويو) ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻيهي ڪري عمامو شريف ڇڏايو(صرف انهيءَ ادا کي ادا ڪري رهيو هيس).[2]

ہر صحابئِ نبی! جنّتی! جنّتی! سب صحابیات بھی! جنّتی! جنّتی!
چار یارانِ نبی! جنّتی! جنّتی! حضرت صدیق بھی! جنّتی! جنّتی!
اور عمر فاروق بھی! جنّتی! جنّتی! عثمان غنی! جنّتی! جنّتی!
فاطمہ اور علی! جنّتی! جنّتی! ہیں حسن حسین بھی! جنّتی! جنّتی!
والدین نبی! جنّتی! جنّتی! ہر زوجۂ نبی! جنّتی! جنّتی!
اور ابوسفیان بھی! جنّتی! جنّتی! ہیں معاویہ بھی! جنّتی! جنّتی!(3)

[1] ... مسند امام احمد ، جلد: 1، صفحه: 198، حديث: 449۔
[2] ... نور الايمان بزيارة آثار حبيب الرحمٰن ،صفحه:15
[3] ...وسائلِ فردَوس ،صفحه:53۔

الله پاڪ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُم جي صدقي اسان کي بہ سنتون سکڻ، سنتن تي عمل پيرا ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دل ۽ دماغ جا گناه بہ ڇڻي ويندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو واقعو ٻڌو، سندن وضو ساريو، پوءِ مرڪيا ۽ هڪ حديث شريف بيان ڪئي تہ جڏهن انسان وضو ڪندو آهي تہ منهن ڌوئڻ سان منهن جا ۽ هٿ ڌوئڻ سان هٿن جا ۽ مٿي جو مسح ڪرڻ سان مٿي جا ۽ پير ڌوئڻ سان پيرن جا گناه ڇڻي ويندا آهن.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو، وضو گناه ڌوئڻ جو نسخو آهي. مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ انهيءَ مفهوم جي هڪ حديث شريف جي حوالي سان فرمائن ٿا: خيال رهي! هتي صرف هنن عضون(يعني منهن، هٿ، مٿو ۽ پيرن) جي گناهن جي ئي معافي مراد ناهي بلڪ وضو جي برڪت سان سيئي ايستائين جو دل ۽ دماغ جا گناه بہ معاف ٿي ويندا آهن.[1] مفتي صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وڌيڪ فرمائن ٿا: هتي گناه مان گناه صغيره مراد آهن ڇوتہ گناه ڪبيره توبہ کان بغير ۽ ٻانهن جا حقوق صاحبِ حق جي معافي جي بغير معاف ناهن ٿيندا. مطلب هي آهي تہ جيڪو شخص چڱو وضو ڪندو ڪري، ان جي سيني عضون جا(صغيره) گناه هن پاڻي سان نڪري ڌوپجي ويندا آهن.[2]

## امامِ اعظم جي نگاه جو ڪمال

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! وضو ڪرڻ واري جا گناه ڇڻي ويندا آهن، هن ضمن ۾ هڪ ايمان

[1] مرآة المناجيح ،جلد:1 ،صفحہ: 297 بتغير قليل
[2] ... مرآة المناجيح ،جلد:1 ،صفحہ: 234 بتغير قليل

اَفروز واقعو ٻڌو! جيئن تہ حضرت عَلامہ عَبدُالوَهاب شَعرَانِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل فرمائن ٿا: هڪ ڀيري سَيِّدُنا امامِ اعظم اَبُوحَنِيفَه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪوفي جي جامع مسجد جي وُضو خاني ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ نوجوان کي وُضو ڪندي ڏٺو، ان ڪان وُضو (۾ استعمال ٿيل پاڻي) جا قطرا ٽِمي رهيا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: "اي پُٽ! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان توبهہ ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، هڪ ٻئي شخص کي وضو جي پاڻي کي ملاحظہ ڪيائون تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان شخص کي فرمايو: اي منهنجا ڀاءُ بدڪاري کان توبهہ ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، ۽ هڪ ٻئي شخص جي وضو جي پاڻي کي ڏٺائون تہ ان کي فرمايائون: شراب پيئڻ ۽ ڳانا باجا ٻُڌڻ کان توبهہ ڪر. ان عرض ڪيو: مون توبهہ ڪئي، حضرت اِمامِ اَعظَم اَبُو حَنِيفَه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تي ڪشف جي سبب ڇو تہ ماڻهن جا عَيبَ ظاهر ٿي ويندا هئا، لهٰذا پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بارگاهِ خداوندي ۾ هن ڪشف جي اظهار جي ختم ٿيڻ جي دعا گُهري، اللّٰه پاڪ سندن جي دعا قبول فرمائي، جنهن سان سندن کي وُضو ڪرڻ وارن جا گناهہ ڇڻندي نظر اچڻ بند ٿي ويا.[1]

## عيب تلاش نہ ڪيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان اَفروز واقعي مان اسان کي ٻہ مدني گل سکڻ جي لاءِ مليا (1) هڪ هي تہ وضو جي برڪت سان گناهہ ڇڻندا آهن. (2) ٻيو مدني گل اِهو ٻہ معلوم ٿيو تہ اللّٰه پاڪ جا نيڪ ٻانها ٻين جا عيب ڏسڻ پسند نہ ڪندا هئا، ڏسو! امام اعظم کي بطور ڪرامت ٻين جا عيب نظر ايندا هئا تہ پاڻ دعا ڪيائون تہ هي ڪرامت سندن کان واپس ورتي وڃي.

افسوس! هاڻي اسان جي حالت بلڪل ابتي آهي، اللّٰه وارا ڪوشش ڪندا هئا تہ انهن کي عيب نظر نہ اچن، هاڻي ماڻهو ٻين جا عيب ڳولين ٿا، ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ ڪنهن طرح فلاڻي جا عيب نظر اچن ۽ مان ان جا عيب راڄ کي ٻڌائي خوار ڪيان،

[1] ... ميزان الكبرىٰ، كتاب الطہارة،جز:1،صفحہ: 130

الله پاڪ اسان جي حالت تي رحم فرمائي. ڪاش! ٻين جا عيب ڳولڻ وارا نه بلڪ عيبن تي پردو وجهڻ وارا بڻجي وڃون.

| | |
|---|---|
| عیبوں کو ڈھونڈتی ہے فقط عیب جُو کی نظر | جو خوش مزاج ہیں حسن و کمال دیکھتے ہیں |

## وضو جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي

هڪ ڀيري مسلمانن جي چوٿين خليفي اَمِيرالمؤمنين حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللہُ عَنۡہ طواف ڪري رهيا هئا، ان دوران ڪنهن سندن ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ عرض ڪيو: حضور! هڪ سوال پڇڻو آهي. حضرت علي المرتضٰي رَضِیَ اللہُ عَنۡہ خاموش رهيا ۽ طواف جاري رکيائون، طواف جا 7 چڪر مڪمل ڪيا، پوءِ حطيم ڪعبه ۾ طواف جون ٻه رڪعتون ادا ڪيون پوءِ فرمايو: اَيۡنَ السَّائِل؟ اهو سوال پڇڻ وارو ڪٿي آهي؟ اهو شخص حاضر ٿيو. فرمايائون: هاڻي سوال ڪيو: ان عرض ڪيو: اَسۡاَلُكَ عَنۡ بَدۡءِ الۡوُضُوۡٓءِ كَيۡفَ كَانَ وَاَيۡنَ كَان يعني هي ٻڌايو! ته وضو جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي؟

هاڻي ٻڌو! باب مَدِينةُ الۡعلم جو جواب....!! موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہ فرمايو: الله پاڪ جڏهن ملائڪن کي فرمايو هيو:

| | |
|---|---|
| اِنِّیۡ جَاعِلٌ فِی الۡاَرۡضِ خَلِیۡفَةً ؕ (پاره:1،سورهٔ بقره:30) | ترجمو ڪنزالعرفان: مان زمين ۾ پنهنجو نائب بڻائڻ وارو آهيان، |

ان تي ملائڪن عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| اَتَجۡعَلُ فِیۡهَا مَنۡ یُّفۡسِدُ فِیۡهَا وَیَسۡفِكُ الدِّمَآءَ ۚ (پاره:1،سورهٔ بقره:30) | ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا تون زمين ۾ ان کي نائب بڻائيندين جيڪو ان ۾ فساد پکيڙيندو ۽ رت وهائيندو. |

(ملائڪن هيءَ ڳالهه بطور اعتراض نہ چئي هئي، اها محض حڪمت ڄاڻڻ جي لاءِ هئي تہ مولٰي! اسان تنهنجي پاڪي بيان ڪيون ٿا، تنهنجي حمد ۽ ثناء ڪيون ٿا، اسان کي ئي خليفو مقرر ڪيو وڃي، انسان کي خليفو بڻائڻ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟) ان تي الله پاڪ فرمايو:

اِنِّیۡۤ اَعۡلَمُ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳۰﴾
(پاره:1،سورۀ بقره:30)

ترجمو ڪنزالعرفان: آءُ اهو ڄاڻان ٿو جيڪو توهان نہ ٿا ڄاڻو.

ربّ ڪائنات جو هي جواب ٻڌي ملائڪن کي خوف ٿيو، انهن کي لڳو تہ اسان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ وڏي جرائت ڪئي آهي، تنهنڪري هي خوف خدا جي سبب عرشِ الٰهي جو طواف ڪرڻ لڳا. اُن تي الله پاڪ فرمايو: اي ملائڪو! ڇا توهان منهنجي مغفرت ۽ رضا چاهيو ٿا؟ عرض ڪيائون! اسان کي تنهنجي مغفرت ۽ رضا ملڻ کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ جو شوق ناهي. اُن تي الله پاڪ فرمايو: عرش جي هيٺان هڪ نهر آهي، جنهن کي نَهْرُالْحَيوان چيو وڃي ٿو، اُتي هليا وڃو! ملائڪ اتي پهتا. الله پاڪ فرمايو: ڪارائين تائين هٿ ڌوئو! ملائڪن هٿ ڌوتا! الله پاڪ فرمايو: تَمَضْمَضُوا ثَلَاثًا ٽي ڀيرا ڳرڙي ڪيو! ملائڪن ٽي ڀيرا ڳرڙي ڪئي، الله پاڪ فرمايو: اِسْتَنْشِقُوْا ثَلَاثًا ٽي ڀيرا نڪ ۾ پاڻي وجهو! ملائڪن ائين ئي ڪيو. پوءِ فرمايو: چهرو ڌوئو! ملائڪن چهرو ڌوتو. هاڻي حڪم ٿيو: نونين سميت هٿ ڌوئو. ملائڪن ٻانهون بہ ڌوتا. پوءِ حڪم ٿيو: مٿي جو مسح ڪيو! مٿي جو مسح بہ ڪيو ويو. آخر ۾ حڪم ٿيو: هاڻي پنهنجا پير بہ ڌوئو! ملائڪن پير بہ ڌوتا.

(هي تمام عضوا ملائڪن جا بہ آهن پر ڪيئن آهن، هي الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو) بهرحال! جيئن جيئن الله پاڪ جو حڪم ٿيو، ملائڪن ائين ائين

ڪيو، پوءِ الله پاڪ فرمايو: هاڻي هيئن چئو!

سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ اَسْتَغْفِرُكَ وَ اَتُوْبُ اِلَيْكَ

ملائڪن ايئن ئي چيو. جڏهن سڀ ڪجهه ڪري چڪا تہ ملائڪن عرض ڪيو: اي ربُّ العالمين! هي جيڪو اسان ڪيو هي چا آهي؟ الله پاڪ فرمايو: اي ملائڪو! جيڪو بہ صاحبِ ايمان هي ڪندو جيئن توهان ڪيو، مان ان کي پنهنجي مغفرت ۽ رضا سان نوازي ڇڏيندس، جڏهن هُو هٿ ڌوئيندو تہ ان جي هٿن جا، گرڙي ڪري تہ وات جي اندر جا، نڪ ۾ پاڻي وجهي تہ نڪ جا، چهرو ڌوئي تہ چهري جا، پير ڌوئي تہ پيرن جا گناهہ ڇڻي ويندا آهن جيتوڻيڪ زمين کان آسمان تائين ڇو نہ هجن ۽ جڏهن هو مٿي جو مسح ڪندو آهي تہ منهنجي رحمت ان کي ڍڪي وٺندي آهي. ملائڪن عرض ڪيو: اي الله پاڪ! ڇا هي اسان جي لاءِ خاص آهي؟ فرمايو: هي توهان جي لاءِ بہ آهي ۽ هو جنهن کي مان خليفو ناهيندس(يعني حضرت آدم عليہ السلام) ۽ ان جي اولاد جي لاءِ بہ اهائي فضيلت آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جون ڪهڙيون ڪرم نوازيون آهن. ڪاش! اسان کي گناهن جي معافي، مغفرت ۽ بخشش ۽ الله پاڪ جي رضا جي دولت نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

تُو بس رہنا سدا راضی نہیں ہے تابِ ناراضی | تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ!
عطا کر عافیت تُو نَزع و قَبر و حَشر میں یاربّ | وسیلہ فاطِمہ زَہرا کا کر لطف و کرم مولیٰ!(2)

---

[1] ... سلوة العارفين،باب فضيلة الوضوء، صفحہ: 170 ملتقطًا۔

[2] ...وسائلِ بخشش ، صفحہ: 98ملتقطًا۔

## آلِ صديق جي صدقي امت تي ڪرم

بخاري و مسلم شريف جي روايت آهي، هڪ ڀيري پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عليهمُ الرِّضْوَان سان گڏ سفر تي هئا مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ شريڪِ سفر هيون، رستي ۾ ڪنهن جڳهہ حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي ڳچي مبارڪ جو هار گم ٿي ويو، جيئن تہ هار جي ڳولها جي سلسلي ۾ قافلو روڪيو ويو، رات ٿي چڪي هئي، اونداهي ڇائنجي چڪي هئي، لھٰذا هيءَ رات انهيءَ هنڌ گذاري وئي، صبح جڏهن فجر جي نماز جو وقت ٿيو تہ وضو ڪرڻو هو پر هتي پاڻي تہ هيو ئي ڪونہ. انهيءَ موقعي تي سيپاري 6، سوره مائده جي آيت نمبر 6 نازل ٿي، الله پاڪ فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَ اَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَ امْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِؕ وَ اِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْاؕ وَ اِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰۤى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآىٕطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَ اَيْدِيْكُمْ مِّنْهُؕ مَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ حَرَجٍ وَّ لٰكِنْ يُّرِيْدُ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان نماز جي لاءِ بيهڻ لڳو تہ پنهنجي چهري کي ۽ پنهنجا هٿ نونين تائين ڌوئو ۽ مٿن جو مسح ڪيو ۽ پيڏين تائين پير ڌوئو ۽ جيڪڏهن توهان بي غسل آهيو تہ خوب پاڪ ٿي وڃو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار آهيو يا سفر ۾ آهيو يا توهان مان ڪو بيت الخلاء مان آيو هجي يا توهان عورتن سان صحبت ڪئي هجي ۽ انهن صورتن ۾ پاڻي نہ لهو تہ پاڪ مٽيءَ سان تيمّم ڪيو سو پنهنجي چهرن ۽ هٿن جو ان سان مسح ڪيو. الله نہ ٿو

لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهُ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ۝

(پاره:6، سورة مائده:6)

چاهي ٿـ توهان تي ڪجهه تنگي رکي پر اهو هي چاهي ٿو تـ توهان کي خوب پاڪ ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي نعمت توهان تي پوري ڪري تـ جيئن توهان شڪر ادا ڪيو.

هن آيت ڪريمہ ۾ پاڻي نـ ملڻ جي صورت ۾ تيمُم جي اجازت ڏني وئي، ان تي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَانْ فرمايو: مَا هِيَ بِاَوَّلِ بَرَكَتِكُمْ يَا آلَ اَبِي بَكْرٍ يعني اي اولادِ ابوبڪر رَضِيَ اللهُ عَنْه ! هي توهان جي پهرين برڪت ناهي (مطلب هي آهي تـ مسلمانن کي توهان جون ڪيئي برڪتون پهتيون آهن).[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هونئن تـ هن آيت ڪريمہ ۾ ڪيترائي مدني گل آهن، خاص طور تي هن ۾ 2 ڳالهيون بيان ٿيون: (1) وضو جا 4 فرائض بيان ٿيا (2) پاڻي ڪان وضو ڪرڻ ۽ پاڻي نـ ملي تـ مٽي سان تيمُم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

هنن ٻنهي ڳالهين جي حوالي سان حجة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت خوبصورت مدني گل ڏنا آهن، اچو ٻڌون ٿا:

## جهنم جي باه وسامي ويندي آهي

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شريعت طهارت(يعني وضو ۽ غسل) جي لاءِ 2 شيون مقرر فرمايون آهن: (1) پاڻي (2): مٽي. پاڻي سان اسان وضو ۽ غسل ڪندا آهيون، مٽي سان تيمم ڪندا آهيون، امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٿورو غور ڪيو! دنيا ۾ هي ٻئي شيون باه وسائڻ جي ڪم اچن ٿيون، باه تي پاڻي هاريو تـ باه وسامي ويندي، پاڻي نـ هجي تـ مٽي وجهو، ان ڪان بـ باه وسامي ويندي. معلوم ٿيو: پاڻي ۽ مٽي ٻئي باه وسائڻ جي ڪم ايندا آهن،

[1] ... بخارى ،كتاب التيمم ،باب التيمم ،صفحه: 155، حديث:334 خلاصةً۔

تنهنڪر جڏهن مومن ٻانهو ان جي ذريعي وضو ۽ غسل ڪندو آهي تہ ان (جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم) جهنم جي باهہ وسامي ويندي آهي.

هتي الله پاڪ جي هڪ ٻي ڪرم نوازي ڏسو! **باهہ جو ڪم آهي: ساڙڻ. پاڻي جو ڪم آهي: وسائڻ.** هي دنياوي باهہ جيڪا جهنم جي باهہ کان ڪيئي درجا هلڪي ۽ گهٽ تپش واري آهي، هن باهہ کي جيڪڏهن وسائڻو هجي تہ پاڻي گهڻو گهرجي، جيڪڏهن باهہ وڏيڪ هجي، پاڻي گهٽ هجي تہ پاڻي سڙي ويندو، باهہ نہ وسامندي پر الله پاڪ جي لطف ۽ ڪرم تي قربان وڃو! جهنم جي باهہ هن دنياوي باهہ کان ڪيترائي درجا طاقت واري آهي، وضو ۾ جيڪو پاڻي استعمال ٿيندو آهي اهو تمام گهٽ هوندو آهي پر الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان هن گهٽ پاڻي سان جهنم جي تمام گهڻي باهہ کي وسائي ڇڏيندو آهي.

## وُضو جا 4 ئي فرائض ڇو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! وضو جا 4 فرض آهن (1) نونين سميت هٿ ڌوئڻ (2) چهرو ڌوئڻ (3) مٿي جو مسح ڪرڻ (4) ۽ پيڏين سميت پير ڌوئڻ. وضو ۾ هي 4 ئي فرض ڇو رکيا ويا؟ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حوالي سان هڪ حڪمت بيان ڪندي فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن (بنيادي) عذاب 4 ئي آهن (1) چهرو ڪارو ٿي وڃڻ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن ڪيترائي منهن روشن هوندا ۽ ڪيترائي منهن ڪارا هوندا. | يَّوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ وَّ تَسْوَدُّ وُجُوْهٌ ۚ (پاره:4، سورة آلِ عمران:106) |
| --- | --- |

(2) اعمالنامہ کاٻي هٿ ۾ ملڻ، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاَمَّا مَنْ اُوْتِیَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ۬ فَیَقُوْلُ یٰلَیْتَنِیْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِیَهْ ﴿۲۵﴾ (پاره:29، سورۃ الحاقة:25) | ترجمو كنزالعرفان: ۽ رهيو اهو جنهن کي ان جو اعمالنامو کابي هٿ ۾ ڏنو ويندو تہ اهو چوندو: اي ڪاش جو مون کي منهنجو اعمالنامو نہ ڏنو وڃي ها. |

(4_3) مٿي ۽ پيرن کان پڪڙي ڪري جهنم ۾ وڌو ويندو، سورت رحمٰن ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| یُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِیْمٰهُمْ فَیُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِیْ وَ الْاَقْدَامِ ﴿۴۱﴾ (پاره:27، سورۃ رحمٰن:41) | ترجمو كنزالعرفان: مجرم پنهنجي چهرن مان سڃاتا ويندا پوءِ انهن کي پيشاني ۽ پيرن کان پڪڙيو ويندو. |

جڻ الله پاڪ فرمائي ٿو: اي منهنجا بانهؤ! وضو ۾ چهرو ڌوئيندا ڪيو تہ جيئن قيامت جي ڏينهن توهان جو چهرو ڪارو نہ ٿي بلڪ توهان جو چهرو چمڪائي ڇڏيان. پنهنجا هٿ ڌوئيندا ڪيو تہ جيئن قيامت جي ڏينهن توهان کي اعمالنامو کابي هٿ ۾ نہ بلڪ ساڄي هٿ ۾ ڏنو وڃي. پنهنجي مٿي جو مسح ڪيو تہ جيئن توهان کي پيشاني کان پڪڙي جهنم ۾ نہ وڌو وڃي بلڪ توهان جي مٿي تي جنتي تاج سجايو وڃي۞ اي منهنجا بانهؤ! پير ڌوئيندا ڪيو تہ جيئن توهان جي پيرن ۾ جهنم جون زنجيرون نہ وڌيون وڃن، نہ پلصراط تي توهان جا قدم ٿڙن بلڪ توهان آرام سان پلصراط پار ڪري جنت ۾ داخل ٿي وڃو![1]

اي عاشقانِ رسول! اسان ٻڌو وضو جون ڪهڙيون برڪتون آهن، وضو ڪرڻ سان گناه ڇڻندا آهن ۞ ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِیْم! قيامت جي ڏينهن

[1] ... سلوۃ العارفين،باب فضيلة الوضوء، صفحه: 171

اعمالنامو سڌي هٿ ۾ ملندو ۞ چهرو ڪارو نہ ٿيندو بلڪ نور سان چمڪندو رهندو ۞ پلصراط تي ثابت قدمي نصيب ٿيندي ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ داخلو نصيب ٿيندو.

لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان باوضو رهڻ جي عادت بڻايون. اسان سُستي ڪري ويندا آهيون، ڪاش! اسان هي سستي ختم ڪيون، وضو ڪرڻ ۾ چُستي ڏيکاريون، جڏهن وضو ٽٽي تہ فوراً ئي ٻيهر ڪري وٺڻ جي عادت اپنايون انشآءَ الله الڪريم هي عارضي مشقت قيامت جي ڏينهن آسانيون ملڻ جو ذريعو بڻجي ويندي. اچو! وڌيڪ ترغيب جي لاءِ وضو جي فضيلتن تي حديثون پڙهون ٿا:

## وضو جي فضيلتن تي 3 حديثون

(1)حضرت ثوبان رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: الله جي آخري نبي فرمايو: سڌا رهو پر توهان هي نہ ڪري سگهندؤ ڄاڻي ڇڏيو تہ توهان جو بهترين عمل نماز آهي ۽ وضو جي حفاظت مومن ئي ڪندو آهي.[1] (يعني هميشہ باوضو رهڻ يا هميشہ صحيح وضو ڪرڻ ڪامل مومن جي پهچان آهي.) (2) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت اَنس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي فرمايائون: پٽ! جيڪڏهن توهان هميشہ باوُضو رهڻ جي اِستطاعت (طاقت) رکو تہ ائين ئي ڪريو ڇوتہ مَلَڪ المَوت جنهن ٻانهي جو رُوح وُضو جي حالت ۾ قَبض ڪن ان جي لاءِ شهادت لکي ويندي آهي.[2] (3) هڪ حديث شريف ۾ آهي: باوضو سمهڻ وارو روزو رکي ڪري عبادت ڪرڻ واري جيان آهي.[3]

[1] ... ابنِ ماجه، کتاب الطہارۃ وسننها، باب المحافظۃعلی الوضوء، صفحہ:58، حديث: 277۔
[2] ... شُعَبُ الْاِیمان،۳/۲۹:حدیث۲۷۸۳
[3] ... کنز العمال، کتاب الطہارۃ، باب الاول فی فضل ...الخ،جلد:5 ، جز:9، صفحہ:123، حديث:25994۔

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي هميشہ باوضو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## باوضو سمهڻ جي فضيلت

قُوّت القلوب ۾ آهي: مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن بانهو باوضو سمهندو آهي ان جي روح عرش جي طرف کنئي ويندي آهي تہ ان جا خواب سچا ٿيندا آهن. جيڪڏهن باوضو نہ سمهي تہ ان جي روح پهچڻ کان قاصر رهندي آهي ۽ ان کي پريشان ڪندڙ خواب ايندا جيڪي سچا ناهن هوندا.[1]

## مصيبتن کان حفاظت جو نسخو

الله پاڪ حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو: اي موسيٰ! جيڪڏهن بي وضو هجڻ جي صورت ۾ توکي ڪا مصيبت پهچي تہ پنهنجي پاڻ کي پاڻ ملامت ڪجان.(شُعَبُ الْاِيمان، جلد:3، صفحہ:29، حديث:2782۔)

الله! الله! معلوم ٿيو: باوضو رهڻ جي برڪت سان مصيبتن کان حفاظت ٿيندي آهي. ڪاش! اسان هميشہ باوضو رهڻ وارا بڻجي وڃو.

هميشہ باوضو رهڻ اسلام جي سنت آهي.[2]

## باوضُو رهڻ جا 7 ديني فائدا

اِمامِ اَهلسنّت امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: بعض عارِفن (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهم اَجْمَعِين) فرمايو: جيڪو هميشہ باوُضو رهي الله پاڪ ان کي سَتن فضيلتن جو شَرف عطا ڪندو: (1) ملائڪ ان جي صحبت ۾ رهڻ جي چاهت ڪندا (2) قلم

[1] ... قُوْتُ الْقُلُوب،الفصل الثالث عشر، جلد:1، صفحہ:67۔

[2]...فتاوىٰ رضويہ، جلد: 1، صفحہ: 944 ملقتطًا ۔

ان جي لاءِ نيڪيون لکندو رهندو (3) ان جا عُضوا تسبيح ڪندا (4) ان جي تَڪبيرِ اُولي فوت نہ ٿيندي (5) جڏهن سُمهي تہ الله پاڪ ڪجھ ملائڪ موڪليندو تہ جيئن جِنن ۽ اِنسانن جي شر کان سندس حفاظت ڪن(6)موت جون سختيون ان تي آسان ٿين (7) جيستائين وُضوءَ سان رهندو الله پاڪ جي اَمان ۾ رهندو.[1]

دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت | رہوں باوضو میں سدا یاالٰہی[2]

## باوضو رهڻ جا دنياوي فائدا

اي عاشقانِ رسول! باوضو رهڻ جا جتي ديني فائدا آهن، ان سان گڏوگڏ ڪيئي سارا دنياوي فائدا بہ آهن. مثلاً ❁باوضُو رهڻ جي برڪت سان ڪيئي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي. ❁ وضو ڪري جنهن ڪم جي لاءِ گهر کان نڪرندؤ ان شآءَ الله الڪريم اهو ڪم پورو ٿيندو.[3] ❁ باوضو رهڻ جي برڪت سان خود اعتمادي بہ ملندي آهي ❁ ۽ باوضو رهڻ جي برڪت سان رزق ۾ بہ اضافو ٿيندو آهي. جي ها! حديث پاڪ ۾ آهي: هميشہ باوضو رهو، توهان جي رزق ۾ فراخي ايندي.[4]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي....!!! ڇڻ تہ وضو ۾ دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون رکيون ويون آهن. رزق ۾ اضافو گهرجي باوضو رهو. مصيبتن کان حفاظت گهرجي، باوضو رهو. نمازي بڻجڻ جي خواهش آهي، تڪبير اوليٰ چاهيو ٿا، باوضُو رهو، روزِ قيامت اعمال نامو ساڄي هٿ گهرجي

[1] فتاويٰ رضويه،۱/۷۰۲

[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ: 102۔

[3] .... بہشت کی کنجیاں ،صفحہ :60 بتغير قليل

[4] ... جامع الاحاديث،جلد:19،صفحہ:406،حديث:14922

باوضو رهو.! قيامت جي ڏينهن چمڪندڙ چهري جي خواهش آهي ته باوضو رهو. پلصراط تي ثابت قدمي گهرجي باوضُو رهو....! غور ڪيو اها ڪهڙي نعمت آهي، جيڪا ان آسان نيڪي ۾ ناهي. الحمدالله! وضو انمول نعمت آهي. الله پاڪ اسان کي باوضو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## وضوءِ سائنس

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! اسلام اسان کي ڪيئي صديون پهريان وضو جي تعليم ڏني آهي، هاڻي سائنس جو دور آهي ته سائنس به وضو جا فائدا مڃي چڪي آهي. هڪ شخص جو بيان آهي مون بيلجيم (Belgium) ۾ يونيورسٽي جي هڪ شاگرد کي اسلام جي دعوت ڏني، ان سوال ڪيو ته وضوءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سائنسي حڪمتون آهن؟ مان لاجواب ٿي ويس، ان کي هڪ عالم وٽ وٺي ويس پر ان کي به ان جي معلومات نه هئي، ايتري تائين جو سائنسي معلومات رکڻ واري هڪ شخص ان کي وضو جون ڪافي خوبيون ٻڌايون، پر ڪنڌ جي مسح جي حڪمت هو به نه ٻڌائي سگهيو، هو هليو ويو ڪجهه عرصي کان پوءِ آيو ۽ چوڻ لڳو اسان جي پروفيسر ليڪچر جي دوران ٻڌايو ته **جيڪڏهن ڪنڌ ۽ ان جي پاسن تي روزانو پاڻي جا ڪجهه ڦڙا هنيا وڃن ته ڪرنگهي جي هڏي ۽ حرام مغز جي خرابي مان پيدا ٿيڻ وارين بيمارين کان حفاظت حاصل ٿي ويندي آهي**، اهو ٻڌي وضو ۾ ڪنڌ جي مسح جي حڪمت منهنجي سمجهه ۾

اچي وئي تنهن ڪري مان مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿو ۽ پوءِ هو مسلمان ٿي ويو.[1]

## غير مسلم سائنسدان جو حيرت انگيز انڪشاف

مغرب جي ملڪن ۾ مايوسي يعني (Depression) جي بيماري تيزي سان وڌي رهي آهي، دماغ فيل ٿي رهيا آهن، پاڳل خانن جي تعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، نفسياتي بيمارين جي ماهرن وٽ مريضن جون قطارون لڳل آهن، اولهه جرمني جي ڊپلومہ هولڊر هڪ پاڪستاني فزيوٿيراپسٽ جو چوڻ آهي: "اولهه جرمني ۾ هڪ سيمينار ٿيو جنهن جو موضوع هو، مايوسي (Depression) جو علاج دوائن کان علاوه بين ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان ممڪن آهي؟ هڪ ڊاڪٽر پنهنجي مقالي (Thesis) ۾ هي حيرت انگيز انڪشاف ڪيو تہ مون ڊپريشن جي ڪجهه مريضن کي روزانو پنج پيرا منهن ڌوئاريو، ڪجهه عرصي کان پوءِ انهن جي بيماري گهٽ ٿي وئي، وري اهڙن ئي مريضن جي ٻي گروپ جا روزانو پنج پيرا هٿ منهن ۽ پير ڌوئاريا تہ بيماري ڪافي گهٽ ٿي وئي، اهو ئي ڊاڪٽر پنهنجي مقالي جي آخر ۾ اعتراف ڪري ٿو تہ مسلمانن ۾ مايوسي جو مرض تمام گهٽ آهي ڇو تہ هو ڏينهن ۾ ڪيترائي پيرا هٿ منهن ۽ پير ڌوئيندا (يعني وضو ڪندا) آهن.[2]

## وضو جون سائنسي برڪتون

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! باوضو رهڻ جي برڪت سان ڪيئي بيمارين کان حفاظت ٿيندي

---

[1] ... وضو اور سائنس، صفحہ: 1 ۔

[2] ... وضو اور سائنس، صفحہ: 2 ۔

آهي مثلاً باوضُو رهڻ جي برڪت سان بلڊ پريشر تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. وضو ۾ هٿ ڌوئڻ جي برڪت سان (1) هٿن ۾ گرمي داڻن (2) جلدي سوزش (3) ايگزيما وغيره بيمارين کان حفاظت ممڪن آهي. وضو ۾ گرڙي ۽ مسواڪ ڪرڻ جي برڪت سان، (1) ايڊز جهڙي تڪليف ده بيماري (2) وات جي ڪنارن جو ڦاٽڻ (3) معدي جا امراض (4) بلغمي امراض کان حفاظت ٿيندي آهي ۽ غرغري جي برڪت سان گلي جي مرضن کان ڪافي حد تائين بچاءُ رهندو آهي، انهيءَ طرح نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ جي برڪت سان. نڪ جا بيشمار پوشيدا مرض. دائمي نزلو، نڪ جي زخم وغيره کان حفاظت ٿي سگهي ٿي. وضو ۾ چهرو ڌوئڻ جي برڪت سان الرجي سان چهري جي حفاظت ٿيندي آهي، هن جو مساج ٿي ويندو آهي، رت جو وهڪرو چهري جي طرف ٿي ويندو آهي، ميل ڪچيل بہ لهي ويندي آهي ۽ چهري جو حسن بهڪي پوندو آهي. نونين تي ٽي وڏيون رڳون آهن جن جو تعلق دل، جگر ۽ دماغ سان آهي ۽ جسم جو هي حصو عموماً ڍڪيل رهندو آهي جيڪڏهن هن کي پاڻي ۽ هوا نہ لڳي تہ متعدد دماغي ۽ اعصابي مرض پيدا ٿي سگهن ٿا. **وضو ۾ نونين سميت هٿ ڌوئڻ سان دل، جگر ۽ دماغ کي تقويت پهچندي آهي.** مٿي ۽ گردن جي وچ ۾ حَبْلُ الْوَرِيد يعني ساهہ واري رڳ آهي ان جو تعلق ڪرنگهي واري هڏي ۽ حرام مغز ۽ جسم جي تمام تر جوڙڻ سان آهي. جڏهن وضو ڪرڻ وارو ڪنڌ جو مسح ڪندو آهي تہ هٿن جي ذريعي برقي شعاع نڪري ساهہ جي رڳ ۾ ذخيرو ٿي ويندي آهي ۽ ريڙهہ جي هڏي کان ٿيندي جسم جي تمام اعصابي نظام کي توانائي حاصل ٿيندي

آهي. وضو ۾ سنت جي مطابق پير ڌوئڻ سان ننڊ جي ڪمي، دماغي خشڪي، گهٻراهٽ ۽ مايوسي جهڙا پريشان ڪندڙ مرض دور ٿيندا آهن.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! وضو جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن. الله پاڪ اسان کي هميشہ باوضو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم .

اچو! آخر ۾ وضو جا ڪجهہ آداب بہ سکي ونون ٿا،

## وضو جا ڪجھ آداب جو بيان

وضو جا فرائض: وضو ۾ 4 فرض آهن: (1) نونين سميت ٻئي هٿ ڌوئڻ (2) چهرو ڌوئڻ (3) چوٿائي مٿي جو مسح ڪرڻ (4) ۽ ڀيڏين سميت ٻئي پير ڌوئڻ. هنن عضون جو مڪمل ڌوپجڻ فرض آهي. جيڪڏهن هڪ وار جي برابر جڳهہ بہ سُڪل رهجي وئي تہ وضو نہ ٿيندو ۽ وضو نہ ٿيو تہ نماز بہ نہ ٿيندي. تنهنڪري وضو نهايت احتياط سان ڪرڻ گهرجي. بلڪہ مستحب(يعني ثواب جو ڪم آهي) تہ خصوصاً سردين ۾ وضو کان پهريان اعضاءِ وضو تي چڱي طرح پاڻي وهايو، هن سان خشڪ جلد تَر ٿي ويندو ۽ پاڻي آساني سان تمام جڳهن تي پهچي ويندو. پر ياد رهي! پاڻي مکڻ سان وضو ناهي ٿيندو. وضو ۾ عضون جو ڌوئڻ فرض آهي ۽ ڌوئڻ جو مطلب آهي پاڻي جا گهٽ مان گهٽ 2 ڦڙا وهي وڃن. وضُو ۾ 14 سنتون آهن، جيڪي اميراهل سنت جي رسالي "**وضو جو طريقو**" ۾ لکيل آهن، اُتان کان ڏسي ياد ڪري ونو! ۽ انهن تي عمل ڪري ثواب ڪمايو! جڏهن بہ وضو ڪيو، هن کان پهريان نيت ڪري ونو تہ پاڪي

[1] ... وضو اور سائنس، صفحہ:10تا 16ملتقطاً

حاصل ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ وضو ڪيان ٿو. ياد رکو! نيت ڪرڻ کان سواءِ بہ جيتوڻيڪ وضو ٿي ويندو پر ثواب نہ ملندو. اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: وضو جي لاءِ نيت ڪرڻ سنت موڪده آهي، لهٰذا نيت نہ ڪرڻ جي عادت بڻائي ورتي تہ گناھ ٿيندو.[1]

جنهن بسم الله چئي ڪري وضو ڪيو ان جو مٿي کان پيرن تائين سڄو جسم پاڪ ٿي ويو ۽ جنهن بغير بسم الله چوڻ جي وضو ڪيو ان جو اوترو ئي بدن پاڪ ٿيندو جيتري تي پاڻي وهيو.[2]

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن توهان وضو ڪيو تہ بِسۡمِ اللهِ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰه چئي ڇڏيندا ڪيو جيستائين توهان جو وضو باقي رهندو ان وقت تائين توهان جا ملائڪ (يعني ڪراماً ڪاتبين) توهان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا.[3]

لهٰذا جڏهن بہ وضو ڪيو، شروع ۾ بِسۡمِ اللهِ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰه پڙهڻ هرگز نہ وساريو.

وضو کان بعد جون دعائون بہ ياد ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ان جو بہ ثواب ملندو.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن چڱي طرح وضو ڪيو ۽ پوءِ آسمان جي طرف نگاھ کڻي ۽ ڪلمو شهادت پڙهيو **ان جي لاءِ جنت جا اٺئي دروازا کوليا ويندا آهن** جنهن مان چاهي اندر داخل ٿي.[4] هڪ حديثِ پاڪ آهي: جيڪو وضو کان بعد هڪ ڀيرو سُورةُ القدر پڙهي تہ اهو صدّيقين مان آهي ۽ جيڪو 2 ڀيرا پڙهي تہ شهيدن ۾ شمار ڪيو ويندو ۽ جيڪو 3 ڀيرا پڙهندو تہ الله پاڪ ميدانِ محشر

---

[1] ... فتاوىٰ رضويہ، جلد: 1، صفحہ: 914، بتغير قليل
[2] ... سنن دارقطنى ، كتاب الطہارة، باب التسمية على الوضوء، جلد: 1، صفحہ: 52، حديث: 229۔
[3] ... معجم صغير،صفحہ:168، حديث: 196
[4] ... دارمى ، كتاب الوضوء، باب القول بعد الوضوء، صفحہ:208، حديث:

۾ ان کي پنهنجي نبين سان گڏ رکندو.[1]

ڪؤنري وغيره مان وضو ڪرڻ کان بعد بچيل پاڻي بيهي پيئڻ ۾ شفا آهي.[2] هڪ حديث شريف ۾ روايت ڪيو ويو آهي ته مؤمن جي وضو جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شفا آهي ۽ انهن بيمارين جو گهٽ ۾ گهٽ درجو غم آهي.[3]

حجة الاسلام امام محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مومن ٻانهي کي گهرجي ته جڏهن چهرو ڌوئي ته نيت ڪري ته دنيا کان منهن ڦيري ڪري هميشه ربّ ڪريم جي طرف متوجهه ٿيندس.[4] جڏهن هٿ ڌوئي ته نيت ڪري ته گناهن کان بچندس ته جيئن اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ ملي. مٿي جو مسح ڪري ته نيت ڪري ته هميشه عاجزي سان مٿو جهڪائي رکندس، ڪڏهن تڪبر نه ڪندس جو آخرت خاص انهن جي لاءِ آهي، جيڪي وڏائي نٿا چاهين انهي طرح جڏهن پير ڌوئي ته نيت ڪري ته ڪڏهن گناهه جي طرف نه هلندس ۽ ان ڏينهن کي ياد ڪري جو جڏهن انهن کي قدمن تي هلي ڪري الله ڪريم جي حضور پيش ٿيڻو آهي. ايئن ئي پلصراط تي هلڻ به ياد ڪري.[5] وضو ڪري چڪا، هاڻي جيڪڏهن مڪروهه وقت ناهي ته 2 رڪعت تحية الوضوء جا به نفل پڙهي وٺو چوته حديث پاڪ ۾ آهي: نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اهڙو مسلمان ناهي جيڪو وضو ڪري ته چڱي طرح ڪري پوءِ بيهي ڪري خشوع ۽ خضوع سان 2 نفل پڙهي ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي.[6] مشهور مفسر، حڪيم الامت، مفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث شريف جي حوالي سان لکن

[1] ... كنز العمال، كتاب الطهارة، الفصل الثانى فى آداب الوضوء،جز:9 ،جلد:5، صفحہ:132، حديث:26085۔
[2] ... جنتی زیور،صفحہ:216ماخوذًا۔
[3] ... مسند فردوس، جلد:2،صفحہ:362،حدیث:3617۔
[4] ... احياء علوم الدين، كتاب اسرار الطهارة،كيفية الوضوء،جلد:1 ،صفحہ:179
[5] ... سلوة العارفين،باب الطهارة ،صفحہ:165
[6] ... مسلم، كتاب الطهارة، باب الذكر المستحب عقب الوضوء، صفحہ:109، حديث:234۔

تا: حديث جو مطلب هي ناهي تہ صرف وضو ڪرڻ ۽ تحية الوضوء جا بہ نفل پڙهي وٺڻ سان جنتي ٿي ويو هاڻي ڪنهن بہ عمل جي ضرورت ناهي بلڪ مطلب هي آهي تہ چڱي طرح وضو ڪرڻ ۽ تحية الوضوء جا نفل ادا ڪرڻ جي برڪت سان دنيا ۾ نيڪ اعمال جي توفيق ملندي آهي، مرندي وقت ايمان تي قائم رهندو آهي، قبر ۽ حشر ۾ آساني سان پاس ٿيندو آهي. هن قسم جي حديثن جو هي ئي مطلب آهي.[1]

بلا حساب ہو جنت میں داخلہ یارب! | پڑوس خلد میں سرور کا ہو عطا یاربّ!

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اڄوڪي هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي دلين ۾ عشقِ رسول جاڳائڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ امّت کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروفِ عمل آهي، توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللہ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار رسالو مطالعو بہ آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پڙون ٿا:

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو...!!

هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي: مان ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هيس، هڪ ڏينهن ڪنهن اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو **احترامِ مسلم**

---

[1] ... مرآة المناجيح، جلد: 1، صفحہ:237بتقدم وتاخر۔

تحفي ۾ ڏنو مون پڙهيو ته حيران رهجي ويس ته جن مسلمانن کي مون هميشه نفرت جي نگاهہ سان ڏنو آهي انهن جو مذهب اسلام ايتري قدر امن جو پيغام ڏي ٿو! رسالي جي تحرير تاثير جو تير بڻجي ڪري منهنجي دل ۾ لهي وئي ۽ دل ۾ اسلام جي محبت گهر ڪري وئي. هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هيس ته ڪجھ ڏاڙهي ۽ عمامي وارن اسلامي ڀائرن جو قافلو بہ بس ۾ سوار ٿيو، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس ته هي مسلمان آهن، منهنجي دل ۾اسلام جي محبت ته پيدا ٿي ئي چڪي هئي لهٰذا مان احترام جي نظر سان انهن کي ڏسڻ لڳس، ايتري ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي، مونکي ان جو انداز تمام سٺو لڳو، منهنجي دلچسپي ڏسي ڪري انهن مان هڪ اسلامي ڀاء مون سان گفتگو شروع ڪئي. اهو سمجهي ويو ته مان مسلمان ناهيان، ان مسڪرائيندي وڏي پياري انداز ۾ مونکي چيو، مان اوهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿو، مان رسالو احترامِ مسلم پڙهي ڪري پهريان ئي دلي طور تي اسلام جو شيدائي ٿي چڪو هيس، انهن جي محبت ڀري انداز دل تي وڏيڪ اثر ڪيو ۽ الحمد لله مان ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويس[1]

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کردیا دیکھو | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کردیا دیکھو

## دارُالافتا اهلِ سنّت ايپليڪيشن

دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: (Dar-ul-Ifta Ahlesunnat) (دارُ الافتاء اهلِ سنّت). هي ايپليڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز سان بآسانيءَ ڊاؤن لوڊ ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل

[1] ... غافل درزی، صفحہ:25۔

ايپليڪيشن ۾ ❁ مختلف موضوعات تي پڇيل سوالن جا جواب آڊيو، وڊيو ۽ ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن ❁ احڪامِ تجارت ❁ فرض علوم ڪورس ❁ ۽ تجارت ڪورس به هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّۃ

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## زلفن ۽ مٿي جي وارن جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن جا وار هجن اهو انهن جي عزت ڪري.[2] يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ۽ ڪنگو ڪري.

پيارا اسلامي ڀائرو! پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا زلف ڪڏهن نِصف (يعني اڌ) ڪن مبارڪ تائين ❁ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو تائين ۽ ❁ ڪڏهن ڪڏهن وڌي ويندا هئا ته مبارڪ ڪلهن کي جهومي جهومي ڪري چمڻ لڳندا هئا ❁ اسان کي گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن ٽنئي سنّتون ادا ڪيون، يعني ڪڏهن اڌ ڪن تائين ته ڪڏهن پوري ڪن تائين ته ڪڏهن ڪلهن تائين زلف رکون ❁ ڪجهه ماڻهو ساڄي يا کاٻي پاسي سينڌ ڪيندا آهن هي سنّت جي خلاف آهي ❁ سنّت هي آهي ته جيڪڏهن مٿي تي وار هجن ته وچان سينڌ ڪڍي

[1] ... مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

[2] ابو داؤد، كتاب الترجل، باب فی اصلاح الشعر، صفحہ:653، حديث:4163

وجي ۞ مرد کي اختيار آهي مٿي جا وار ڪترائي يا وڍائي ۽ سينڌ ڪڍي ۞ حضرت اَنس رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اکثر سَرِ اقدس ۾ تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ اکثر ڪنگو ڪندا ۽ اکثر مٿي مبارڪ تي ڪپڙو (يعني سربند شريف) رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان آلو ٿي ويندو هو.[1]

تيل کی بُوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا　　　　صبحِ عارِض پہ لُٹاتے ہیں ستارے گیسو

وضاحت: اي رضا! پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زلف مبارڪ مان جيڪي تيل جا ڦُڙا ٽِمي رهيا آهن، مونکي ته هي منظر ايئن لڳي رهيو آهي جيئن تارن سان پريل رات مصطفٰي جي چهري تي، والضُّحٰي واري چهري تي تارا نڇاور ڪري رهي آهي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفر به آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو　　　　ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] ... 550 سنتیں اور آداب ، صفحہ:41 تا43 ملتقطاً

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

4... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴾2﴿ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455